هفتيوار رسالو

تقريباً 34 سال پهريان جو بيان

# جنت جون بهارون



- جنتي شين جي خوبصورتي
- گندگي کان پاڪ جڳهه
- 10 هزار خادم
- سيني کان گهٽ درجي جو جنتي

شيخ طريقت، امير اهلسنت، دعوتِ اسلامي جو باني، حضرت علامه مولانا ابو بلال
محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِیّٖنَ ط

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ط بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ط

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيءَ دعا پڙهي ڇڏيو اِنۡ شَآءَ اللّٰہُ الۡکَرِیۡم جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو.

اَللّٰهُمَّ افۡتَحۡ عَلَيۡنَا حِكۡمَتَكَ وَانۡشُرۡ عَلَيۡنَا رَحۡمَتَكَ يَا ذَاالۡجَلَالِ وَالۡاِكۡرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ۱ ص۴۰ دار الفکر بيروت)

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

طالب غم مدينه بقيع و مغفرت

رسالي جو نالو: **جنت جون بهَارون**

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه ڪراچي

پهريون دفعو : جمادي اول 1447هه، اڪتوبر 2025 ع

**مدني التجا: ڪنهن کي به هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي**

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن ته مڪتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بـانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ

## مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

# جنت جون بَھارُون

ترجمو

ترانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

رابطي جي لاءِ:
ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ
محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

Email: translation@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِیّٖنَ ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ط

# جنت جون بَهارُون [1]

**دعاءِ عطار :** يا الله پاڪ! جيڪو بہ 21 صفحن جو رسالو: ”**جنت جون بَهارون**“ پڙهي يا ٻڌي وٺي، ان کي پنهنجي رحمت سان ماءُ، پيءُ ۽ سموري خاندان سميت جنت الفردوس ۾ بي حساب داخلا نصيب فرماءِ.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم-

## دُرُود شريف جي فضيلت

پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ جنت نشان آهي: جيڪو مون تي ڏينهن ۾ هڪ هزار ڀيرا درود پاڪ پڙهندو، اُهو ان وقت تائين نہ مرندو جيستائين جنت ۾ پنهنجو مقام نہ ڏسي وٺي.
(جامع الاحاديث: 268/7، حديث: 22354)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ❀❀❀ صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## جنت جون بَهارُون

حضرتِ سَيدنا عبدُ الله بن مسعود رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: قيامت جي ڏينهن سيئي ماڻهو پلِ صِراط تي جهنم جي چوڙاري بيٺا هوندا ۽ پوءِ پنهنجن پنهنجن عملن مطابق پل صِراط تان گذرندا ويندا، ڪي بجلي وانگر، ڪي هوا جي مثل، ڪي وري پکين جيان، ڪي تيز رفتار گهوڙن وانگر، ڪي اعليٰ نسل جي اُٺن وانگر ۽ ڪي ڊوڙون پائيندڙ ماڻهن وانگر. پل صِراط تان گذرڻ وارو سڀني کان آخري شخص ٻنهي پيرن جي آڱوٺن جي وِٿي جيتري سوڙهي مقام تان گذرندو، جنهن تي تِرڪَڻ بہ هوندي ۽ اُها تلوار

[1] ... هي بيان شيخِ طريقَت، اميرِ اهلِ سنت، بانيِ دعوتِ اسلامي حضرتِ علّامه مولانا ابو بلال محمد الياس عطّار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جن 17 جمادي الاوليٰ 1413ھ مطابق 13 نومبر 1992ع تي دعوتِ اسلامي جي پهرين مدني مرڪز جامع مسجد گلزارِ حبيب ڪراچي ۾ عاشقانِ رسول جي هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ فرمايو هو. جنهن کي المدينَةُ العلميَّه جي ”شعبہءِ بياناتِ اميرِ اهلِ سنت“ مُرتّب ڪيو آهي.

جيان تيز ڌارَ واري ﮬ هوندي. ملائڪ پل صِراط جي ٻنهي ڪنارن تي باهه جا ڪُنڊيا ڪٽي موجود هوندا، جن سان هو ماڻهن کي ڇِڪِيندا رهندا، ڪجهه ماڻهو انهن کان بچي گذري ويندا ۽ ڪجهه زخمي تي جهنم ۾ ڪِري پوندا ۽ ڪجهه نڪرڻ ۾ ڪامياب تي ويندا.

سيني کان آخري شخص جيڪو پل صِراط تان گذرڻ ۾ ڪامياب ٿيندو، ان جي سامهون جنت جو هڪ دروازو کوليو ويندو، هُو جنت ۾ پنهنجي لاءِ نعمتون نہ ڏسندو تہ اُتي ئي ويهي رهندو ۽ عرض ڪندو: يا الله! مون کي هتي ئي ويهڻ جي اجازت ڏئي ڇڏ. جواب ملندو: جيڪڏهن توکي اجازت ڏني وڃي تہ تون ٻي ڪنهن شيءِ جو سوال تہ نہ ڪندين؟ هُو عرض ڪندو: اي الله! مون کي تنهنجي عزت ۽ جلال جو قسم! ڪنهن بہ شيءِ جو سوال نہ ڪندس، جنهن کان پوءِ ان کي اُتي رهڻ جي اجازت ڏني ويندي. پوءِ ان کي جنت جون منزلون نظر اينديون تہ هو عرض ڪندو: اي الله! مون کي اتي پهچاءِ، ارشاد ٿيندو: اتي پهچي ٻيو ڪجهه تہ نہ گهرندين؟ عرض ڪندو: اي الله! مون کي تنهنجي عزت ۽ جلال جو قسم! بلڪل بہ نہ. هاڻي ان کي انهن منزلن تائين پهچايو ويندو. اتي پهچي ان کي جنت جون وڌيڪ بَهارُوون نظر اينديون تہ الله پاڪ جي بارگاهه ۾ ٻيهر عرض ڪندو: ياالله! مون کي اُتي پهچاءِ، تہ ان کي اتي بہ پهچايو ويندو. اتي ان کي جنت جون اجان بہ وڌيڪ نعمتون نظر اينديون پر هن پيري هي ڪنهن شيءِ جي طلب نہ ڪندو، جنهن تي کانئس پڇيو ويندو هاڻي تون سوال ڇو نہ ٿو ڪرين؟ عرض ڪندو: گهڻا ئي سوال ڪيا اٿم هاڻي مون کي وڌيڪ سوال ڪندي شرم اچي رهيو آهي. الله پاڪ جي رحمت جوش ۾ ايندي ۽ ارشاد ٿيندو: اسان توکي جنت ۾ سڄي دنيا جي برابر، پر ان کان بہ ڏهه دفعا وڌيڪ عطا ڪيو ۽ اهو شخص جنت ۾ سيني کان گهٽ درجي وارو هوندو.

حضرتِ عبدالله بن مسعود رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: نبيِ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جڏهن هي واقعو بيان فرمائيندا هئا تہ ايترو تہ مسڪرائيندا هئا جو سندن مبارڪ ڏندَ نظر اچڻ لڳندا هئا. (تنبيه الغافلين، ص: 42، حديث: 76 ماخوذاً)

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** جنت ۾ الله پاڪ جون اهڙيون اهڙيون نعمتون آهن جيڪي نہ ڪنهن اک ڏٺيون آهن ۽ نہ ئي ڪنهن ڪَنَ ٻُڌيون آهن سواءِ انهن جي جن کي الله پاڪ ڏيکاريون آهن. (مسلم، ص: 1162، حديث: 7133) جيئن نبين جي سرتاج، صاحبِ معراج صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم معراج جي رات پنهنجي

مبارڪ اڪين سان انهن ڪي ملاحظ فرمايو. (بخاري: 416/2، حديث: 3342) بهرحال جنت جون نعمتون لازوال آهن، انهن جي حقيقت الله پاڪ ئي ڄاڻي ٿو ۽ روايتن ۽ حديثن ۾ جنت جي نعمتن جا جيڪي مثال بيان ڪيا ويا آهن اهي صرف سمجهائڻ جي لاءِ آهن. جنتين کي جنت ۾ ڪهڙا انعام ملندا؟ ان جي باري ۾ پڙهو ۽ جنت جون نعمتون حاصل ڪرڻ جي لاءِ خوب نيڪ عمل ڪيو.

## جنتي کي 72 زالُون ڏنيون وينديون

جنتي کي جنت ۾ ٻاهتر (72) زالُون ڏنيون وينديون.

(ابن ماجه: 539/4، حديث: 4337)

## جنتي عورتن کي ڪيترا مرد ملندا

ڪڏهن ڪڏهن جاهل يا ضرورت کان وڌيڪ پڙهيل لکيل هوشيار قسم جا ماڻهو مذهبي ماڻهن کي پريشان ڪرڻ جي لاءِ هِن قسم جا سوال پڇندا آهن ته جنت ۾ مردن کي 72 زالون ملنديون ته پلا ٻڌايو! عورتن کي ڪيترا مڙس ملندا؟ [1]

ان سلسلي ۾ عرض آهي ته اهڙا سوال ڪرڻ تمام وڏي جهالت ۽ ذهني گندگي جو نتيجو آهن، مسلمان هجي يا غير مسلم، دنيا ۾ شايد ئي ڪا اهڙي قوم هوندي جيڪا ان ڳالهه کي سٺو سمجهندي هوندي ته هڪ عورت جا هڪ کان وڌيڪ مڙس هجن. جڏهن دنيا ۾ ڪو به اها ڳالهه پسند نه ٿو ڪري ته هڪ عورت لاءِ ٻه ٻه مڙس هجن ته پوءِ جنت ۾ اِهو ڪيئن ٿي سگهي ٿو ته هڪ عورت جا ڪيترائي مڙس هجن!

## جنتي عورت جو حُسن ۽ جمال

جنتي عورت جيڪڏهن دنيا ڏانهن جهاتِي پائي ڏسي ته سموري دنيا نور سان ڀرجي وڃي ۽ خوشبو سان مُعَطَر ٿي وڃي ۽ چنڊ ۽ سج جي روشني به ان جي اڳيان گهٽِ محسوس ٿيڻ لڳي. جنتي عورت جو رَئو يا شال

1 … عورتن کي جنت ۾ اهي ئي مڙس ملندا جن جي نڪاح ۾ اُهي دنيا ۾ هيون پر شرط اهو آهي ته انهن جا مڙس به جنتي هجن. جيڪڏهن ڪنهن عورت جو مڙس جنت ۾ نه وڃي سگهيو ته اها ڪنهن ٻئي جنتي مرد جي نڪاح ۾ ڏني ويندي. اهڙي طرح جيڪي عورتون ڪُنواريون وفات ڪري ويون هونديون اُهي به جنت ۾ ڪنهن مرد جي نڪاح ۾ ڏنيون وينديون.

*(Shawl)* دنيا وما فيها (يعني دنيا ۽ جيڪو ڪجهه ان ۾ آهي) ڪان بهتر آهي. (بخاري: 264/4، حديث: 6568)

هڪ روايت ۾ آهي ته جنت جي حُورَ جيڪڏهن صرف پنهنجو هٿ ئي زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ ڪڍي ڏيکاري ته سندس هٿ جي حسن سبب خلائق يعني تمام مخلوق فتني ۾ پئجي وڃي ۽ جيڪڏهن هُوءَ پنهنجو رَئو ظاهر ڪري ته ان جي خوبصورتيءَ آڏو سج ايئن ٿي وڃي جيئن سج جي سامهون ڏيئو. (فتح الباري: 378/12، تحت الحديث: 19 ماخوذاً)

## جنتي شين جي خوبصورتي

جيڪڏهن جنت جي ڪا شيءِ نَنهَن جي برابر به دنيا ۾ ظاهر ٿي وڃي ته زمين ۽ آسمان ان سان سينگارجي وڃن ۽ جيڪڏهن جنت جا ڪنگڻ ظاهر ٿي وڃن ته اهي سج جي روشني ايئن مِٽائي ڇڏين جيئن سج تارن جي روشني مٽائي ڇڏيندو آهي. (ترمذي: 241/4، حديث: 2547 ماخوذاً)

## جنت جي ڪُشادگي

جنت ڪيتري وسيع آهي؟ اهو اللّٰه پاڪ ۽ ان جا پيارا رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ئي بهتر ڄاڻن ٿا پر اجمالي بيان اهو آهي ته جنت ۾ 100 درجا آهن ۽ هر ٻن درجن جي وچ ۾ ايترو فاصلو آهي جيترو زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ آهي. (ترمذي: 238/4، حديث: 2539)

ترمذي شريف جي هڪ ٻي حديث پاڪ ۾ آهي ته جيڪڏهن سمورا جَهانَ جنت جي هڪ درجي ۾ گڏ ڪيا وڃن تڏهن به اها سيني جي لاءِ ڪافي آهي. (ترمذي: 239/4، حديث: 2540)

## جنتي وَڻ جي وُسعَتَ

جنت ۾ هڪ اهڙو وڻ آهي جنهن جي ڇانوَ ۾ جيڪڏهن ڪو تيز رفتار گهوڙي سوار 100 سالن تائين هلندو رهي تڏهن به ان وڻ جي ڇانوَ ختم نه ٿيندي. (مسلم: ص: 1163، حديث: 7138)

## جنت جي دروازن جي وُسعَتَ

جنت جا دروازا ايترا ته وسيع هوندا جو هڪ طرف ڪان گهوڙي سوار ڊوڙڻ شروع ڪري ۽ 70 سالن تائين ڊوڙندو رهي تڏهن وڃي هُو ٻئي طرف

پهچندو. (مُسنِد امام احمد: 475/5، حديث: 16206) جنت جا دروازا لکين ميل ويکرا هوندا پر تڏهن بہ جنت ۾ وڃڻ وارن جي ايڏي رش هوندي جو انهن دروازن مان گذرڻ وقت سندن ڪُلها هڪ ٻئي سان گَسِي رهيا هوندا.
( ترمذي: 245/4، حديث: 2557 مفہوماً)

## جنت جي آرائش ۽ زيبائش

جنت ۾ هيرن ۽ جواهرن جا محل آهن جيڪي ايترا تہ صاف ۽ شفاف آهن جو ٻاهر کان اندر ۽ اندر کان ٻاهر نظر اچي رهيو هوندو. (مُسنِدِ امام احمد: 583/2، حديث: 6626) جنت جون ٽيتيون سون ۽ چاندي جي سِرُن ۽ مُشڪ جي گاري سان نهيل آهن. "هڪ سِرَ سونَ جي، هڪ سِرَ چانديءَ جي، زمين زعفران جي ۽ ڪنڪريٽ جي جاءِ تي موتي ۽ ياقوت هوندا." ( ترمذي: 236/4، حديث: 2534)

## جنتِ عَدن جي سِرَ

جنتِ عَدن جي هڪ سِرَ اڇي موتي جي آهي، هڪ سُرخ يعني ڳاڙهي ياقوتِ جي آهي، هڪ سائي زَبَرْجَدِ جي ۽ گارو مُشْڪ جو آهي. گاهہ جي جاءِ تي زعفران آهي، پٿريون موتين جون ۽ مٽي عَنْبَر جي آهي.
( الترغيب والترهيب: 283/4، حديث: 33)

## جنت جا خِيما

جنت ۾ هڪ هڪ خيمو موتين جو هوندو جنهن جي بلندي سٺِ 60 ميل هوندي. (مسلم: ص: 1166، حديث: 7158)

## جنت جا درياءَ ۽ نَهرُون

جنت ۾ چار درياءَ آهن: هڪ پاڻي جو، ٻيو کِيرَ جو، ٽيون ماکيءَ جو ۽ چوٿون شراب جو، پوءِ انهن مان نهرون نڪري رهيون آهن.
(ترمذي: 257/4، حديث: 2580)

جنت جون نهرون زمين کوٽي نہ وهنديون آهن پر زمين جي مٿان جاري آهن، نهرن جو هڪ ڪنارو موتين جو ٻيو ياقوت جو ۽ نهرن جي زمين خالص مُشڪ جي آهي. (موسوعة ابن ابي الدنيا، 334/6، حديث: 68 ملتقطاً)

جنت جو شراب دنيا جي شراب وانگر نہ آهي جنهن ۾ بدبو، ڪوڙاڻ ۽ نشو هوندو آهي ۽ پيئڻ وارا بيهوش ٿي پنهجي وَسَ کان ٻاهر ٿي ويندا آهن ۽ بيهوده ۽ بڇڙو ڳالهائڻ لڳندا آهن، پر اُتان جو شراب انهن سيني شين کان پاڪ آهي. (تفسير ابن ڪثير، پارو: 26، سورة محمد، تحت الآيت: 15، 289/7 ملتقطاً)

## جنت جا کاڌا

جنتين کي جنت ۾ هر قسم جا لذيذ کان لذيذ کاڌا ملندا ۽ جنهن بہ کاڌي جي هُو تمنا ڪندا اُهو فوراً حاضر ٿي ويندو.

(تفسير ابن ڪثير، پارو: 24، فصلت، تحت الآيت: 31، 162/7)

جيڪڏهن سندن نظر ڪنهن پکيءَ تي پئجي وئي ۽ ان کي کائڻ جي خواهش ٿي تہ اهو پکي پُڇُل حالت ۾ انهن جي اڳيان پيش ٿي ويندو.

(تفسير درمنثور، پارو: 27، سورة الواقعة، تحت الآيت: 21، 11/8)

جڏهن پاڻي پيئڻ جي خواهش ٿيندي تہ پيالا پنهنجو پاڻ هٿن ۾ اچي ويندا ۽ انهن ۾ نيڪ اندازي مطابق پاڻي، ماکي ۽ کِيرُ هوندو، جيتري خواهش هوندي ان کان هڪ قطرو نہ وڌيڪ هوندو ۽ نہ ئي گهٽ، پيئڻ کان پوءِ اهي پيالا پنهنجو پاڻ جتان آيا هوندا اوڏانهن واپس هليا ويندا.

(الترغيب والترهيب، 290/4، حديث: 66 ماخوذاً)

## گندگيءَ کان پاڪ جاءِ

گندگي، نجاست، پيشاب، ٿُڪَ، سِنگهَہ ڪنن ۽ جسم جي مَرُ وغيره جهڙيون شيون جن سان انسان کي ڪراهت ٿيندي آهي جنت ۾ بلڪل بہ نہ هونديون. شايد ڪو سوچي رهيو هجي تہ کاڌو کيئن هضم ٿيندو؟ تہ ان جي صورت الله پاڪ جنت ۾ هيئن رکي آهي تہ هڪ فرحت بخش اوڳرائي ايندي ۽ جسم مان خوشبودار پگهَر نڪرندو جنهن سان سمورو کاڌو هضم ٿي ويندو، اوڳرائي ۽ پگهَر مان مُشڪ جي خوشبو ايندي.

(مسلم، ص: 1165، حديث: 7152 ملخصاً)

## هر وقت تسبيح ۽ تڪبير زبان تي جاري هونديون

هر وقت زبان مان تسبيح ۽ تڪبير ارادي سان ۽ بغير ارادي جي ساهہ جيان جاري هونديون. جيئن اسان دنيا ۾ ڪا شي پڙهندي پڙهندي ٿڪجي ڪري چپ ٿي ويندا آهيون جنت ۾ ائين نہ ٿيندو، پر اُتي بغير ڪوشش جي تسبيح ۽ تحمِيد زبان تي جاري هونديون. ( مسلم، ص: 1165، حديث: 7152)

## 10 هزار خادم

هر جنتي شخص جي خدمت ۾ هر وقت گهٽ ۾ گهٽ **10** هزار خادم بيٺا هوندا، هر خادم جي هڪ هٿ ۾ سون ۽ ٻئي هٿ ۾ چاندي جو پيالو هوندو

۾ هر پيالي ۾ مختلف قسمن جون نيون نيون نعمتون هونديون. (معجم اوسط، 380/5،حديث: 7674) ۽ جيترو به کائيندو ويندو انهن مان لذت گهٽ نه ٿيندي. دنيا جي کاڌن وانگر نه ته پهرين گرهه ۾ لذت وڌيڪ هوندي آهي پوءِ جيئن جيئن پيٽ ڀرجڻ شروع ٿيندو آهي مزو گهٽجندو ويندو آهي. وڌيڪ هي ته جيڪڏهن کا شيءِ لڳاتار ڪجهه ڏينهن تائين کاڌي وڃي ته بعد ۾ اها سٺي نه ناهي لڳندي ايستائين جو ڪجهه شين کي ڏسڻ سان ئي دل ڀرجي ويندي آهي، جيئن منائيءَ جي دڪان اڳيان جيڪڏهن ڪو عام ماڻهو گذري ته شايد ان جي وات ۾ پاڻي اچي وڃي پر ان دڪان تي ڪم ڪرڻ وارن کي مناڻ ڏانهن رغبت نه ٿيندي آهي چاڪاڻ ته ان کي ڏسي ڏسي سندن دل ڀرجي چڪي هوندي آهي.

## هر گِرَهه ۾ 70 ذائقا

جنتي کاڌن جي هر گرهه ۾ **70** قسم جا ذائقا هوندا جڏهن ته دنيا جي کاڌن ۾ ايترا ذائقا نه هوندا آهن پر ها ڪجهه کاڌن کي پاڻ ۾ ملائڻ سان انهن جا ذائقا ضرور بدلجي ويندا آهن مثال طور برياني ۽ زردي کي ملائي کائڻ سان هڪ ٽيون ذائقو محسوس ٿيندو جيڪو نه برياني جو هوندو ۽ نه ئي زردي جو. دنياوي کاڌا هڪ ٻئي جو ذائقو لِڪائي ڇڏيندا آهن ۽ هڪ ئي وقت ۾ مختلف ذائقا جدا جدا محسوس به نه ٿيندا آهن جڏهن ته جنتي کاڌن جي هر گرهه ۾ **70** ذائقا الڳ الڳ محسوس ٿيندا ۽ هڪ ذائقو ٻئي ذائقي کي نه لِڪائيندو.

## جنتين جا لباس ۽ جواني

جنتين جا لباس پُراڻا نه ٿيندا ۽ نه ئي جنتين جي جواني ختم ٿيندي. (مسلم، ص: 1166، حديث: 7156) جنتي جنت ۾ **30** سالن جا معلوم ٿيندا. (ترمذي: 244/4، حديث: 2554) جنتين جي جواني کي ڪڏهن به زوال نه ايندو جڏهن ته دنيا ۾ جواني کي زوال آهي، يعني دنيا ۾ جيڪو شخص هن سال **30** سالن جو آهي اهو ايندڙ سال **31** سالن جو ٿي ويندو ۽ پوءِ عمر وڌڻ سان گڏوگڏ جواني ختم ٿيندي ويندي ايستائين جو هڪ وقت اهڙو ايندو جو پوڙهائپ جي سبب سندس چهري ۾ گهُنج پئجي ويندا ۽ چيلهه چِٻي ٿي ويندي. ياد

رکو! جنت جي لاءِ ڪو مدو مقرر نہ آهي تہ **50** يا **100** سال باقي رهندي ۽ پوءِ فنا ٿي ويندي پر جنت هميشہ هميشہ لاءِ آهي ۽ جنتي هميشہ ان ۾ رهندا ۽ انهن جي جواني ڪي ڪڏهن بہ زوال نہ ايندو.

## جنتين جا روشن چهرا

سڀ کان پهريان جيڪو ٽولو جنت ۾ داخل ٿيندو انهن جا چهرا چوڏهين رات جي چنڊ جيان روشن هوندا ۽ پيو ٽولو جيڪو جنت ۾ ويندو انهن جا چهرا ائين هوندا جڻ روشن ستارا. (بخاري: 393/2، حديث: 3254)

## جنت ۾ بغض، ڪِينوءِ ساڙُ نہ هوندو

جنتي سڀئي صاف دل هوندا، سندن وچ ۾ ڪو بغض ۽ ڪِينو يا حسد نہ هوندو. (بخاري: 393/2، حديث: 3254) دنيا ۾ بغض ۽ ڪيني جي سبب هڪ شخص ٻئي ڪي سنو نہ لڳندو آهي جڏهن تہ جنت ۾ ائين نہ هوندو، اتي سيني ڪي هڪ ٻئي سان محبت هوندي، ڪو بہ حسد نہ ڪندو، پاڻ ۾ لڙائي، گارگند ۽ جهيڙن وغيره جو سلسلو نہ هوندو. غصو ۽ چيڙائپ وغيرهہ جهڙا دنياوي معاملا جنت ۾ نہ هوندا.

## جنت ۾ نہ ڪو غم هوندوءِ نہ ئي ڪا بيماري

جنت ۾ نہ ڪو غم هوندو ۽ نہ ئي ڪا تڪليف ۽ بيماري. جيئن دنيا ۾ ڪنهن ڪي پيٽ ۾ سُور هوندو آهي تہ ڪو ساهہ جي تڪليف ۾ مبتلا هوندو آهي، ڪو ٽي بي جو مريض بڻجي ويندو آهي تہ ڪنهن ڪي ڪنگهہ نہ ڇڏيندي آهي، ڪو ويچارو ڪينسر جو شڪار ٿي ويندو آهي تہ ڪنهن ڪي ٻيو ڪو مهلڪ مرض وَڪوڙي ويندو آهي، جنت ۾ ڪنهن بہ قسم جو ڪو مرض، ڪو غم ۽ ڪا بہ تڪليف نہ هوندي.

## حُورِ عين (يعني وڏين اکين) جو حُسنِ جمال

جنتين مان هر هڪ کي حورِ عين مان گهٽ ۾ گهٽ بہ حُورون اهڙيون ملنديون جن ڪي ستر ستر جوڙا پهريل هوندا پر پوءِ بہ سندن لباس ۽ گوشت جي پاران انهن جي پنِيُن جو مغز ائين ڏسڻ ۾ ايندو جيئن شيشي جي بوتل مان سُرخ شراب ڏسڻ ۾ ايندو آهي. (بخاري: 393/2، حديث: 3254۔ معجم ڪبير، 166/10، حديث: 10321) اِهو ان ڪري جو الله پاڪ انهن کي ياقوت سان تشبيهہ

ڏني آهي ۽ ياقوت ۾ جيڪڏهن سوراخ ڪري ان ۾ ڌوڙي وِڌي وڃي ته ضرور ٻاهران ڏسڻ ۾ ايندي. (ترمذي: 239/4، حديث: 2541) ماڻهو پنهنجي مُنهَن کي پنهنجي ڳَلَ ۾ آئيني کان به وڌيڪ صاف ڏسندو ۽ ان تي ادنيٰ درجي جو جيڪو موتي هوندو اهو اهڙو هوندو جو مشرق کان مغرب تائين روشني ڦهلائي رهيو هوندو. (مسند امام احمد: 150/4، حديث: 11715) هڪ روايت ۾ آهي: جيڪڏهن مرد پنهنجي ڪُلهَن جي وچ مان پنهنجي پُنِي جي طرف هٿ ڦيرائيندو ته سندس جسم گوشت ۽ ڪپڙن جي ٻاهران نظر ايندو.
(الترغيب والترهيب: 298/4، حديث: 96)

## جنتي لباس دنيا ۾ پهريو وڃي ته...!!

جيڪڏهن جنتي لباس دنيا ۾ پهريو وڃي ته جيڪو ڏسي ته بيهوش ٿي وڃي ۽ ماڻهن جون نظرون ان کي برداشت نه ڪري سگهن. (الترغيب والترهيب: 294/4، حديث: 84) ان کي هن طرح سمجهو ته جڏهن سج پنهنجي مڪمل آب و تاب سان چمڪي رهيو هجي ته ان وقت جيڪو ان کي ڏسندو ان جون نگاهون چُنجهائجي ويندیون ۽ سج جي روشني کي برداشت نه ڪري سگهنديون. هي مثال صرف سمجهائڻ جي لاءِ آهي هُونئن ته الله پاڪ ئي بهتر ڄاڻي ٿو ته جنتي لباس ڪهڙو هوندو جنهن کي ماڻهو نه ڏسي سگهندو.

## حُورَ جي لُعابِ دَهن جو اثر

جيڪڏهن ڪا حور سمنڊ ۾ پنهنجو لُعابِ دَهَن يعني ٿُڪَ اڇلائي ته کارو سمنڊ منو ٿي وڃي. جيڪڏهن جنتي عورت ستن سمنڊن ۾ ٿُڪ اُڇلائي ته اهي ماکيءَ کان وڌيڪ منا ٿي وڃن. (الترغيب والترهيب: 299/4، حديث: 98،99)

## حُورُن جو ڳائڻ

جڏهن ڪو جنتي جنت ۾ داخل ٿيندو، ته سندس مٿن ۽ پيرن کان به حورون نهايت سُريلي آواز ۾ ڳائيندیون، پر انهن جو ڳائڻ شيطاني موسيقي يا سازن وارو نه هوندو، جيئن اَڄڪلهه مَعاذَالله ڳايو ويندو آهي، پر اهي الله پاڪ جي حمد ۽ ثناء بيان ڪنديون. (معجم ڪبير: 95/8، حديث: 7478 ماخوذاً) اهي اهڙيون ته خوش الحان(يعني سريلي آواز واريون) هونديون جو انهن جهڙو آواز پهريان ڪنهن به ڪڏهن به نه ٻڌو هوندو ۽ اهي جيڪو ڳائينديون، ان

جو مطلب ڪجهه هن طرح هوندو: اسان هميشه رهڻ واريون آهيون، ڪڏهن به نه مرنديون سِين، اسان راحت واريون آهيون، ڪڏهن به تڪليف ۾ نه پونديون سين، اَسان راضي آهيون، ڪڏهن به ناراض نه ٿينديون سين ۽ مبارڪ هجي ان کي جيڪو اسان جو ٿيو ۽ جنهن جون اسان ٿيون سين. (ترمذي: 254/4، حديث: 2573)

## سيئي جنتي بي رِيش (يعني بغير ڏاڙهي وارا) هوندا

متي، ڇِپَرن ۽ پِرُن کان سواءِ جنت وارن جي جسم تي ڪٿي به ڪو وارُ نه هوندو، سيئي جنتي بي ريش هوندا، سندن اکيون سُرمائي هونديون ۽ اُهي 30 سالن جي عمر جا معلوم ٿيندا. (ترمذي: 244/4، حديث: 2554)

## جنت ۾ ننڊ نه هوندي

جنت ۾ ننڊ نه هوندي، ڇوته ننڊ هڪ قسم جو موت آهي ۽ جنت ۾ موت نه هوندو. (شعب الايمان: 183/4، حديث: 4745)

## ننڊ نه هوندي ته پريشانيءَ ڪي مُنهُن ڏيٽو پوندو

ٿي سگهي ٿو ڪنهن جي ذهن ۾ اها ڳالهه ايندي هجي ته جيڪڏهن جنت ۾ ننڊ نه هوندي ته وڏي پريشاني ٿيندي، ڇوته ننڊ سان سڪون حاصل ٿيندو آهي. ان حوالي سان عرض آهي ته جنتين کي الله پاڪ اهڙيون راحتون ۽ آرام عطا فرمائيندو جو انهن کي ننڊ جي ضرورت ئي نه پوندي.
ڏسو! خوشي جي ڪري به ننڊ ۾ ڪَمي واقع ٿيندي آهي، جيئن رمضان المبارڪ ۾ ماڻهو خوشي ۾ راتيون جاڳي گذاريندا آهن ۽ ڏينهن جو ٿورو آرام ڪري پنهنجي ڪم ڪار ۾ مشغول ٿي ويندا آهن. ائين ئي شادين ۽ ميلن وغيره جي موقعن تي به خوشي جي ڪري ننڊ نه ايندي آهي ۽ ماڻهو 24 ـ 24 ڪلاڪ جاڳي گذاريندا آهن. جڏهن دنيا جي عارضي خوشي جو اهو حال آهي جو ننڊ ۾ ڪَمِي اچي ويندي آهي ته جنت جي خوشي جو ڪهڙو عالم هوندو! اتي جنتين کي الله پاڪ اهڙو آرام، خوشيون ۽ فرحتون عطا فرمائيندو جو انهن کي ننڊ جي حاجت ئي نه رهندي.
جهڙي طرح خوشي جي ڪري ننڊ گهٽ ايندي آهي، اهڙي طرح ڪاروبار جي ترقي يا ڪنهن ڪم جي سيزن اچڻ سان به ننڊ ۾ ڪمي اچي ويندي آهي. جيئن رمضان ۾ درزين جي سيزن ايندي آهي ته اهي ڏينهن رات ڪپڙا

سِبڻ ۾ لڳي ويندا آهن، انهن کي نه تراويحن جي پرواهه هوندي آهي ۽ نه ئي ڪين روزن جو خيال هوندو آهي، بس اُهي ان سوچ ۾ گُم هوندا آهن ته ڪهڙي طرح به اسان جو وقت وڏي وڃي. ڏينهن ۽ راتيون ڪين ننڍا محسوس ٿيڻ لڳندا آهن ۽ ڪم جي مصروفيت انهن جي ننڊ اڏائي ڇڏيندي آهي. اهو سچ آهي ته دنيا ۾ انسان مسلسل جاڳي ڪم نه ٿو ڪري سگهي، ڪيس 24 ڪلاڪن ۾ ڪجهه نه ڪجهه ننڊ جي ضرورت پوندي آهي، پر ڪجهه ماڻهو اهڙا ته سخت جان هوندا آهن جو ٻه ٻه، ٽي ٽي، ايسيتائين جو چار چار ڏينهن تائين به جاڳي ڪم ڪري رهيا هوندا آهن.

بهرحال، هي الله پاڪ جو نظام آهي جو جنت ۾ ننڊ نه ايندي ۽ ننڊ نه اچڻ جي ڪري جنتين کي ڪا به پريشاني نه ٿيندي.

## اميرِ اهل سنت جي خواهش

امير اهل سنت، مولانا محمد الياس قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه، نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي حوالي سان پنهنجي تڙپ جو اظهار ڪندي ارشاد فرمائن ٿا: منهنجي دل گهرندي آهي ته ڪاش! مون کي ننڊ نه اچي ۽ ننڊ نه اچڻ جي ڪري مان بيمار يا سست به نه ٿيان ۽ 24 ئي ڪلاڪ چستي سان دين جو ڪم ڪندو رهان. ظاهر آهي ته اها خواهش پوري ٿيڻ مشڪل آهي، چو ته ننڊ جو اچڻ به الله پاڪ جو هڪ نظام آهي، جيڪو جاري رهڻو آهي.

اي عاشقان رسول! دنيا هڪ امتحان گاهه آهي، ان ڪري هتي تڪليفون، پريشانيون، پابنديون ۽ ٻيا به طرح طرح جا مسئلا آهن. پر جڏهن اسان هن امتحان ۾ ڪامياب ٿي جنت ۾ داخل ٿي ويندا سين ته سيئي پريشانيون، تڪليفون ۽ پابنديون ختم ٿي وينديون. جنت الله پاڪ جي قدرت جو اهڙو مظهر آهي، جتي انعامن ۽ اڪرامن جي برسات هوندي ۽ ڪنهن به قسم جي ڪا پريشاني نه هوندي. جنت ۾ نه ڪافر هوندا ۽ نه ئي اهڙا ماڻهو جن سان اسان کي وڙهڻو يا جهيڙو ڪرڻو پوي، اتي امن ئي امن هوندو.

## سونَ ۽ چانديءَ جا منبر

جنت ۾ سون ۽ چاندي جا منبر هوندا ۽ جنتين ۾ جيڪو سڀني کان ادنيٰ جنتي هوندو اهو مشڪ ۽ ڪافور جي ٽَڪرِيُن تي ويٺو هوندو ۽ انهن ۾ ڪو به ادنيٰ نه هوندو. اهي پنهنجي گمان ۾ ڪرسيءَ وارن کي پاڻ کان وڌيڪ نه سمجهندا. (ترمذي: 246/4، حديث: 2558)

يعني اهو نہ سمجهندا تہ فلاڻي کي نور جي ڪرسي ملي آهي ۽ مان ڪافور جي ٺَڪرِيءَ تي ويٺو آهيان. اتي ڪنهن کي بہ ڪنهن سان حسد يا حسرت نہ هوندي جو سندس دل ۾ رنج واري ڪيفيت پيدا ٿئي.

## بنا تڪلف جي ديدارِ الٰهي

جنت ۾ اللّٰه پاڪ جو ديدار اهڙو صاف ۽ بنا تڪلف جي هوندو، جيئن لڪين ماڻهو سج ۽ چنڊ کي پنهنجي پنهنجي جاءِ تان ڏسي رهيا هوندا آهن ۽ ڪنهن کي بہ پيرن تي اُڀو ٿي يا اڪيون مٿي ڪري ڏسڻ جي ضرورت نہ پوندي آهي. اللّٰه پاڪ هر جنتي تي تجلي فرمائيندو ۽ ڪنهن کي فرمائيندو: اي فلاڻا پُٽَ فلاڻي جا! توکي ياد آهي جنهن ڏينهن تو هِي هِي ڪم ڪيا هئا؟ يعني ڪيس دنيا جا ڪجهہ گناهہ ياد ڏياريندو. پانهو عرض ڪندو: اي پروردگار! ڇا تون مون کي معاف نہ ڪري ڇڏيو هو؟ فرمائيندو: ها! منهنجي مغفرت جي وسعت جي ڪري ئي تون هن مرتبي تي پهتو آهين. سيئي جنتي ان حالت ۾ هوندا تہ ڪڪر ڇانئجي ويندا ۽ انهن تي اهڙي خوشبوءِ وسائيندا، جيڪا انهن اڳ ۾ ڪڏهن بہ نہ سُونگهي هوندي. پوءِ اللّٰه پاڪ فرمائيندو: ان عزت ڏانهن وجو، جيڪا مون توهان جي لاءِ تيار ڪري رکي آهي ۽ جيڪو وَڻيوَ سو ڪٽي وٺو. ماڻهو جنت جي هڪ بازار ۾ ويندا، جنهن کي فرشتا گهيري بيٺا هوندا. ان بازار ۾ اهڙيون شيون هونديون، جن جي مثل اڳ نہ اکين ڏٺو هوندو ۽ نہ ڪنن ٻڌو هوندو ۽ نہ ئي دل ۾ ڪڏهن انهن جو خيال آيو هوندو. اتي خريد و فروخت نہ هوندي، پر جيڪا شيءِ جنهن کي پسند ايندي، اها ان کي عطا ڪئي ويندي. جنتي پاڻ ۾ ملاقات ڪندا، ننڍي مرتبي وارو جڏهن وڏي مرتبي واري کي ڏسندو تہ ان جو لباس کيس پسند ايندو ۽ پوءِ ٿوري ئي دير ۾ کيس پنهنجو لباس ان وڏي مرتبي واري جنتي جي لباس کان بهتر لڳڻ لڳندو. اهو ان ڪري هوندو جو جنت ۾ ڪوئي غم نہ آهي. پوءِ جنتي بازار مان واپس پنهنجي پنهنجي گهرن ڏانهن موٽي ايندا، جتي انهن جون زالون سندن استقبال ڪنديون ۽ کين مبارڪ ڏيندي چونديون: اوهان واپس موٽي آيا آهيو ۽ اوهان جو جمال ان کان گهڻو وڌي ويو آهي، جڏهن اوهان اسان وٽان ويا هئا. اهي جواب ڏيندا: اسان کي اللّٰه پاڪ جي بارگاهہ ۾ حاضري جو شرف حاصل ٿيو ۽ اسان ديدارِ الٰهي سان فيضياب ٿياسين، تہ ظاهر آهي تہ اسان جي حُسن کي وڌڻو ئي هو. (ترمذي: 246/4، حديث: 2558 ملتقطاً)

## جنتين جي ملاقات جو طريقو

هتي دنيا ۾ اسان کي کنهن سان ملاقات ڪرڻي هجي ته ڪڏهن ڪڏهن بسن ۾ سفر ڪرڻو پوندو آهي ۽ وڏيون تڪليفون برداشت ڪرڻيون پونديون آهن، پر جنتين جو پاڻ ۾ ملاقات ڪرڻ جو انداز ڏاڍو پيارو هوندو ۽ ان ۾ ڪا به مشقت نه هوندي. اهي جيڪڏهن ملاقات ڪرڻ چاهيندا ته هڪٻئي جو تخت ٻئي وٽ پهچي ويندو. (جمع الجوامع: 152/1، حديث: 993) هڪ روايت ۾ آهي ته انهن وٽ نهايت اعليٰ درجي جون سواريون ۽ گهوڙا آندا ويندا، جن تي سوار ٿي هو جتي چاهيندا اتي ويندا. (ترمذي: 244/4، حديث: 2553)

## سيني کان گهٽِ درجي وارو جنتي

سيني کان گهٽ درجي وارو جيڪو جنتي هوندو، ان جا باغ، زالون، خادم ۽ تخت هڪ هزار سالن جي مسافت تائين هوندا ۽ انهن ۾ الله پاڪ جي نظر ۾ سيني کان وڌيڪ جيڪو معزز هوندو، اهو روزانو صبح ۽ شام ديدار الٰهي سان مشرف ٿيندو رهندو. (ترمذي: 248/4، حديث: 2562 ماخوذاً)

## ديدارِ الٰهي کان وڌيڪ ٻي ڪا به نعمت نه هوندي

جڏهن جنتي جنت ۾ داخل ٿي ويندا ته الله پاڪ ساڻن فرمائيندو: ڪجهه ٻيو گهرجي جيڪو مان توهان کي ڏيان؟ اهي عرض ڪندا: ياالله! تون اسان جا چهرا روشن ڪيا، اسان کي جنت ۾ داخل ڪيو ۽ جهنم کان نجات ڏني. ان وقت مخلوق تان پردو هٽي ويندو ۽ ديدار الٰهي کان وڌيڪ انهن جي لاءِ ٻي ڪا به نعمت نه هوندي. (مسلم، ص: 95، حديث: 449)

## حوضِ ڪوثر

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! انهن نعمتن کان علاوه به جنت ۾ بيشمار نعمتون آهن. اتي ”ڪوثر (يعني نهر)“ به آهي، پر اسان جي پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا به حوض هوندا، هڪ پل صراط کان پهريان ۽ ٻيو پل صراط کان پوءِ، ٻنهي جو نالو ڪوثر آهي. (التذكرة باحوال الموتیٰ، ص: 291) قيامت جي ڏينهن الله پاڪ جا محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي اجايل غلامن کي پري پري جام عطا فرمائيندا. (بخاري: 268/4، حديث: 6583 ماخوذاً) جيڪو هڪ ڀيرو حوض ڪوثر مان پي وٺندو، اهو ڪڏهن به اُڃارو نه ٿيندو. (بخاري: 267/4، حديث: 6579)

ھونئن تہ ھر نبيءَ جي لاءِ ھڪ حوض ھوندو، جنھن مان سندس اُمت سيراب ٿيندي ۽ اھي پنھنجي اُمت جي گھڻائي تي فخر ڪندا، پر سڀ کان وڏيڪ تعداد نبي ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي اُمتين جو ھوندو. جيئن حديث پاڪ ۾ آھي: ھر نبي جي لاءِ ھڪ حوض آھي ۽ اھي پاڻ ۾ ان ڳالھ تي فخر ڪندا تہ ڪنھن جي حوض تي وڏيڪ ماڻھو اچي رھيا آھن، مون کي اميد آھي تہ منھنجي حوض تي اچڻ وارن جو تعداد وڏيڪ آھي.

(ترمذي: 200/4، حديث: 2451 ملتقطاً)

## ھڪ سوال ۽ ان جو جواب

ٿي سگھي ٿو ڪنھن جي ذھن ۾ ھي سوال پيدا ٿئي تہ جنت ۾ حوضِ ڪوثر بہ آھي، پاڪيزه شراب بہ آھي، ماکي بہ آھي، پاڻي ۽ کير بہ آھي، جڏھن جنت ۾ اُجَ ئي نہ لڳندي تہ پوءِ جنتي انھن کي ڇو پيئندا؟

ان جو جواب ھي آھي تہ جنتي انھن مشروبن کي لذت حاصل ڪرڻ جي لاءِ پيئندا ۽ جيترو پيئندا، اوترو سندن لذت وڌندي ويندي.

(مرآة المناجيح: 485/7 ماخوذاً)

ان کي وڏيڪ ھن مثال مان سمجھو تہ جڏھن اسان کي اُج لڳندي آھي تہ اسان پاڻي پيئندا آھيون ۽ ڪڏھن ڪڏھن پاڻي پيئڻ کان پوءِ چانھہ بہ پيئندا آھيون. ان وقت اسان چانھہ اُج ختم ڪرڻ لاءِ نہ، پر لذت لاءِ حاصل ڪرڻ جي لاءِ پيئندا آھيون. ائين ئي اسان شربت، ٿڌيون بوتلون ۽ لسي وغيره جھڙا مشروبات بہ لذت جي لاءِ پيئندا آھيون.

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! واقعي جنت جون نعمتون اھڙيون نہ آھن جو انھن کي ڇڏي ڏجي. اھو شخص خوش نصيب آھي، جيڪو جنت ۾ داخل ڪيو ويندو ۽ اھو بد نصيب آھي، جيڪو جنت کان محروم ڪيو ويندو. سوچيو تہ جڏھن جنت ايتري عظيم الشان آھي ۽ اسان کي ان تي پڪو يقين بہ آھي تہ پوءِ اسان ان کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڪوشش ڇو نہ ٿا ڪريون؟ دنيا جو بہ اھو دستور آھي تہ جيڪڏھن ڪا شيءِ حاصل ڪرڻي ھوندي آھي تہ ان جي لاءِ ڪوشش ڪرڻي پوندي آھي. مثال طور، جيڪڏھن نوڪري حاصل ڪرڻي ھجي تہ انسان تمام گھڻي ڀڄ ڊُڪَ ڪندو آھي، 20 يا 25 سال تعليم حاصل ڪندو آھي تہ جيئن سٺي نوڪري ملي سگھي. جيڪڏھن نوڪري کان پھريان سندس انتقال ٿي وڃي تہ اھا ان جي ماءُ پيءُ جي نصيب جي ڳالھ آھي، ڇو تہ ماءُ پيءُ تہ اھو ئي چاھيندا آھن تہ اسان جو

ٻار ڊاڪٽر يا انجنيئر بڻجي وڃي پر ڪڏهن ڪڏهن تعليم جي آخري سال ۾ سندس انتقال ٿي ويندو آهي. وڌيڪ هي تہ صرف ڊگري حاصل ڪرڻ نوڪري ملڻ جي ضمانت نہ آهي، ان جي لاءِ اجان بہ وڌيڪ پيچ ڊُڪَ ڪرڻي پوندي آهي، مثال طور نوڪري جي لاءِ انٽرويو ڏيڻو پوندو آهي ۽ انٽرويو ۾ پاس ٿيڻ لاءِ يا تہ سفارش ڪرائڻي پوندي آهي يا رشوت ڏيڻي پوندي آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن اهڙي اداري ۾ نوڪري حاصل ڪرڻ لاءِ، جتي آمدني ۽ سهولتون وڌيڪ هجن، ماڻهو تمام گهڻي محنت ڪندو آهي تڏهن وڃي ڪيس نوڪري ملندي آهي.

تعجب آهي تہ دنيا جي صرف هڪ نوڪري لاءِ ماڻهو پنهنجي زندگي جو هڪ حصو ان جدوجهد ۾ گذاري ڇڏيندو آهي، پر عظيم الشان جنت، جنهن جي نعمتن کي نہ ڪنهن اک ڏٺو آهي، نہ ڪنهن ڪن ٻڌو آهي ۽ جنهن جي وجود تي سندس پڪو يقين بہ آهي، ان کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڪوشش نہ ڪري رهيو آهي. افسوس! انسان ڪيترو نادان ۽ بي عقل آهي جو دنيا جي عارضي نعمتن کي حاصل ڪرڻ لاءِ خوب محنت ڪري رهيو آهي، پر جنت جي هميشہ هميشہ رهڻ وارين نعمتن کي حاصل ڪرڻ لاءِ محنت نہ ڪري رهيو آهي، جڏهن تہ انهن نعمتن کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ ايتري گهڻي ڪوشش نہ ڪرڻي پوندي آهي ۽ انهن جو حصول تمام آسان آهي. مثال طور، نماز پڙهڻ واري جي لاءِ جنت جي بشارت آهي، تہ پوءِ نماز پڙهڻ ۾ ڪهڙي مشڪل آهي؟ نوڪري ۾ اٺ، ڏهہ يا ٻارهن ٻارهن ڪلاڪ پگهر وهائڻو پوندو آهي، جڏهن تہ نماز پڙهڻ ۾ ڏهہ، پندرهن يا وڌ ۾ وڌ ويهہ منٽ لڳندا آهن. جيڪڏهن توهان پنجن وقتن جون نمازون ملايو تہ هڪ ڪلاڪ يا سوا ڪلاڪ ٿيندو ۽ ان جي بدلي ۾ جنت ملڻ جو پورو موقعو آهي، پر افسوس! اهو آسان ڪم اسان کان نہ ٿي رهيو آهي.

ان جي ابتڙ، دنيا حاصل ڪرڻ جي لاءِ تمام گهڻي محنت ڪرڻي پوندي آهي ۽ ان راهہ ۾ تمام گهڻيون پريشانيون، آفتون، مصيبتون ۽ طرح طرح جون آزمائشون بہ اينديون آهن، تنهن جي باوجود بہ دنيا کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ هر قسم جي محنت ۽ قرباني اسان کي گوارا آهي، جڏهن تہ جنت، جيڪا نعمتن جو گهر آهي، ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ معمولي تڪليف ڪرڻ بہ اسان کي پسند نہ آهي. حضرت امام محمد بن محمد غزالي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه هڪ بزرگ جو قول نقل ڪندي فرمائن ٿا: انسان جيترو دولت سان پيار

ڪري رهيو آهي، جيڪڏهن ايترو پيار جنت سان ڪري ته ٻنهي کي حاصل ڪري وٺي. (احياء العلوم: 245/4) پر بدقسمتي سان هُو صرف مال ۽ دولت سان پيار ڪري رهيو آهي، ڪيس پلاٽ سان پيار آهي، پنهنجي دنياوي ٻنين ۽ باغن سان پيار آهي، پنهنجي گودام ۽ دڪان سان پيار آهي، پنهنجي گهر سان پيار آهي، پر ڪيس جنت سان جهڙو پيار هجڻ گهرجي، اهڙو نه آهي.

انسان جنتي نعمتن بابت ٻڌي ”سُبْحٰنَ الله“ به چوندو آهي، ”صَلِّ عَلٰی مُحَمَّد“ به چوندو آهي، خوش ٿي جهومندو به آهي، پر عملي طور تي جنت حاصل ڪرڻ جي لاءِ تيار نه ٿي رهيو آهي.

غور ڪيو! جڏهن اسان پلاٽ جي تمنا ڪندا آهيون ۽ پوءِ ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ عملي طور تي پوري ڪوشش به ڪندا آهيون، ته اهو اسان کي ملي ويندو آهي. اهڙي ئي طرح نوڪري حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڪوشش ڪندا آهيون ته اها به ملي ويندي آهي. پر جنت حاصل ڪرڻ جي لاءِ اسان جو جذبو هي هوندو آهي ته جيڪڏهن ”جنت ملي وڃي ته سٺو آهي“ يا ”جنت ملڻ گهرجي“ يا اسان رسمي طور ”جنت ملڻ جي دعا“گهرندا آهيون، پر عملي طور ڪوشش نه ڪندا آهيون.

## سنتن کي زنده ڪيو

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! جيڪو شخص سنتن تي عمل ڪري انهن کي زنده ڪندو ۽ پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان حقيقي معنيٰ ۾ محبت ڪندو ته ان شاءَ الله اهو جنت ۾ سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ هوندو. لهٰذا خوب خوب سنتن تي عمل ڪريو ۽ چهري تي پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري پياري سنت ڏاڙهي شريف به سجايو، ان جي تمام گهڻي فضيلت آهي. مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: جيڪو هِن دور ۾ ڏاڙهي رکندو، ان کي **100** شهيدن جو ثواب ملندو. (مرآة المناجيح: 173/1 ماخوذاً)

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه! اڄ معاشري ۾ جيڪي ڏاڙهي جون بهارون نظر اچي رهيون آهن، ان ۾ عاشقان رسول جي ديني تنظيم دعوت اسلامي جو وڏو ڪردار آهي، نه ته اڳ ۾ ايترا ڏاڙهي وارا ماڻهو ڪٿي نظر ايندا هئا؟ اها پياري سنت ڏينهون ڏينهن منجي رهي هئي.

اَڄ ڪلهه معاشري ۾ پنهنجي ڪردار جي ڪري جتي سنت جي مطابق هڪ مٺ ڏاڙهي رکڻ مشڪل ڪم آهي، اتي عمامو شريف ٻڌڻ به هڪ تمام ڏکيو ڪم آهي. جيڪڏهن عمامو شريف ٻڌڻ جي ترغيب ڏني وڃي ته ڪيترائي ماڻهو اهو چوندا آهن ته اسان جنهن اداري ۾ ڪم ڪندا آهيون، اتي عمامو شريف ٻڌڻ تي اسان جي مذاق اڏائي ويندي، تنهنڪري اسان عمامو شريف نه ٿا ٻڌي سگهون. ايئن چوڻ وارا عام طور تي ڪردار جي حوالي سان ڪمزور هوندا آهن، مثال طور ننڍين ننڍين ڳالهين تي زبان درازي ڪرڻ، هَرُوِيرُو الجهڻ ۽ بحث مباحثو ڪرڻ انهن جي عادت هوندي آهي. جيڪڏهن اهڙا ماڻهو سنجيده ٿي وڃن ته ڪو به سندن عمامي جي مذاق نه اڏائيندو.

اها حقيقت ۽ تجربي جي ڳالهه آهي ته جيڪو سنجيده ۽ نيڪ ڪردار هوندو آهي، ان کي ڏاڙهي شريف رکڻ يا عمامو شريف ٻڌڻ تي ڪو به نه چيڙيندو آهي. پر جيڪڏهن عمامو شريف سجائڻ جي ڪري ڪو سندس مذاق اڏائي ته ماڻهو چپ چاپ ڪري اتان هليو وڃي، جيڪڏهن به يا ٽي دفعا اهڙي طرح درگذر کان ڪم ورتو وڃي ته مذاق اڏائڻ وارا پاڻمرادو نيڪ ٿي ويندا.

## هڪ شيطاني بهانو

ڪجهه ماڻهو ان ڪري به عمامو شريف نه ٻڌندا آهن ته ڪا به غلطي ٿي وڃڻ جي صورت ۾ ماڻهو سندن ذات سان گڏوگڏ عمامي شريف کي به تنقيد جو نشانو بڻائيندا. اهڙن جي لاءِ عرض آهي ته اوهان پنهنجو ڪردار صاف رکو، باعمل مسلمان بڻجي ڏيکاريو، ان شاءَالله ماڻهو اوهان کان متاثر ٿيندا ۽ اوهان جي پيروي به ڪندا. جيڪڏهن اوهان جي عمل ۾ ڪوتاهي آهي، اوهان جي زبان تيز هلندي آهي، اوهان کي تمام گهٽي ڪاوڙ ايندي آهي ۽ اوهان ۾ اخلاق نالي ڪا شيءِ نه آهي ته پوءِ ماڻهو نه اوهان جي ڏاڙهي ڏسندا ۽ نه ئي اوهان جي عمامي شريف جو لحاظ ڪندا، پر اوهان جي ذات کي خوب تنقيد جو نشانو بڻائيندا.

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اوهان پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ سنت ڏاڙهي شريف رکي ڇڏيو، مٿي تي عمامو شريف سجايو ۽ سنت جي مطابق لباس پائڻ شروع ڪيو، ان شاءَالله

ڏسندي ئي ڏسندي اوهان جي شخصيت ۾ نکار اچي ويندو ۽ ماڻهن تي اوهان جو رعب ويهي ويندو. ياد رکو! پاجامو ۽ شلوار جا پاچا پيڏين کان مٿي هجڻ گهرجن، چوته ”جيڪو ڪپڙو تڪبر جي ڪري پيڏين کان هيٺ لڙڪندو آهي، اهو جهنم جي باه ۾ آهي.“ (بخاري: 46/4، حديث: 5787 ماخوذاً) پر بدقسمتي سان اڄڪلهه ماڻهن کي ان جي پرواه نه آهي.


افسوس! اسان صرف زباني ڪلامي طور جهنم کان بچڻ چاهيندا آهيون، ان جي لاءِ عملي ڪوشش نه ڪندا آهيون، جڏهن ته اسان مان هر هڪ تنگدستي کان بچڻ جي لاءِ پوري ڪوشش ڪندو آهي. جيترو اسان تنگدستي کان ڊڄي رهيا آهيون، جيڪڏهن ايترو جهنم کان ڊڄون ته پنهي کان بچي وڃون، جيئن حضرت امام محمد بن محمد غزالي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه هڪ بزرگ جي حوالي سان نقل ڪن ٿا ته: ماڻهو جيترو تنگدستي کان ڊڄندا آهن، جيڪڏهن ايترو جهنم کان ڊڄن ته پنهي کان بچي وڃن.

(احياء العلوم: 245/4)

اي عاشقانِ رسول! جنت الله پاڪ جي تمام وڏي نعمت آهي، اسان کي گهرجي ته ان کي حاصل ڪرڻ جي پوري پوري ڪوشش ڪريون ۽ پاڻ کي جهنم کان بچائيندي جنت جي رستي تي هلڻ شروع ڪريون. الله پاڪ اسان کي بي حساب جنت ۾ داخلا عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

ايندڙ هفتي جو رسالو





فیضانِ مدینہ محلہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی کراچی

UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278

www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net

feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net